SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 1994

# SINDH ACT NO.XIX OF 1994

## سنڌ سول سرونٽس (ايڊهاڪ مقررين جي مستقلي) ايڪٽ، 1994

## THE SINDH CIVIL SERVANTS (REGULARIZATION OF ADHOC APPOINTMENTS) ACT, 1994

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪجهه سول سرونٽس جي ملازمت جي مستقلي
Regularization of services of certain civil servants

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.XIX OF 1994

# سنڌ سول سرونٽس (ايڊھاڪ مقررين جي مستقلي) ايڪٽ، 1994

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (REGULARIZATION OF ADHOC APPOINTMENTS) ACT, 1994

[28 جولاءِ 1994]

ايڪٽ جنھن ذريعي ايڊھاڪ بنيادن تي مقرر ڪيل ڪجھ سول سرونٽس جي ملازمت کي مستقل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ايڊھاڪ بنيادن تي مقرر ڪيل ڪجھ سول سرونٽس جي ملازمت کي عوامي مفادن وٽان مستقل ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو:

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سول سرونٽس (ايڊھاڪ مقررين جي مستقلي) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. (1) هن ايڪٽ ۾، جيستائين مفهوم ڪجھ ٻيو طلب نہ ڪري تيستائين:

(a) "ايڪٽ" مطلب سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ،

1973؛

(b) ”ڪميشن“ مطلب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن؛

(c) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛ ۽

(d) ”عهدو“ مطلب حڪومت طرفان صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل منظور ڪيل عهدو.

(2) اظهار ”ايڊهاڪ مقرري“ ۽ ”سول سرونٽ“ جي اظهار کي ترتيبوار ساڳي معنيٰ هوندي جيڪا انهن کي هن ايڪٽ ۾ ڏني وئي آهي.

ڪجهه سول سرونٽس جي ملازمت جي مستقلي
Regularization of services of certain civil servants

3. (1) جيڪڏهن هن ايڪٽ يا رولز جي تضاد ۾ ناهي، يا ڪنهن فيصلي خلاف ناهي، يا ڪورٽ طرفان ڏنل ڪنهن آرڊر ۽ فتويٰ جي متضاد نه آهي، پر هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن جي مطابق ڪو سرڪاري ملازم بيسڪ پي اسڪيل 16 جي جاءِ تي ايڊهاڪ ملازمت ڪري ٿو ۽ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ وقت ملازمت ۾ آهي، ته ان سلسلي ۾ ڪيل حڪمن موجب، ان عهدي تي ڪارگر نموني مقرر ڪيل ۽ هن ايڪٽ جي شروعات کان مستقل بنيادن تي مقرر سمجهيا ويندا.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت آرڊر تيستائين نه ڪيا ويندا جيستائين اهڙن سول سرونٽس جا تفصيل، سندس تعليمي قابليت، تجربي، عمر ۽ ڊوميسائيل جي هنڌ جي ڇنڊ ڇاڻ نه ڪئي وڃي ۽ حڪومت طرفان مقرر ڪيل خاص ڪميٽي طرفان ڪليئر قرار نه ڏنو وڃي.

(3) ذيلي دفعه (2) تحت قائم ڪيل خاص ڪميٽي جي اڳواڻي لاڳاپيل کاتي جو سيڪريٽري انچارج ڪندو ۽ بين ۾ ان کاتي ۽ سروسز اينڊ جنرل ايڊمنسٽريشن کاتي مان هڪ

هڪ ميمبر شامل هوندا.

4. جتي ڪميشن، ڪنهن شخص جي ڪيڊر يا ملازمت ۾ عهدي تي مقرري جي هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ سفارش ڪئي آهي، اهڙي شخص کي ترجيح ڏني ويندي.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**